# متی مُراد

# مٺي مراد

## ڪهاڻيون

Rajpar

## ماهتاب محبوب

ارم پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ

(مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم)

ڇاپو:— پهريون
تاريخ اشاعت:— آڪٽوبر ١٩٧٩ع
تعداد :— ٻارهن سو
ڇپيو :— اسٽار پرنٽرس حيدرآباد سنڌ
ناشر :— تاج بلوچ
ڇاپيندڙ :— محمد اسحاق

آڇو ڪاغذ، پڪي جلد سان
قيمت في ڪاپي:— پندرهن رپيا

ملڻ جو هنڌ:
ارم پبليڪيشن
٣١٢- ڊي، يونٽ نمبر ٦، شاهه لطيف آباد
حيدرآباد سنڌ

# وچور

| | |
|---|---|
| انتساب | 5 |
| پنهنجي پاران | 6 |
| پيش لفظ | 7 |
| ٻُڪ جا چڪ | 9 |
| ڏکو پير پيران | 23 |
| شريت | 47 |
| مريم جو بت | 72 |
| سوڍي | 89 |
| سيٺ ڏيڻ | 107 |
| لاڻ | 121 |
| ڇارو | 139 |
| مٺي مراد | 145 |

انتساب:-

سدا حيات ڪهاڻيڪار

نسيم احمد کرل

جـــي نالـــي

— ماهتاب محبوب

# پنهنجي پاران....

هُن چيو هو:

”تنهنجي ڪتاب تي پيش لفظ مان لکندس - ٻيو ڪوئي نه لکندو، انهيءَ تي منهنجو حق آهي.“
هُن وڏي سِڪ مان چيو هو:

”تنهنجي ڪتاب جو اهڙو مهاڳ لکندس، جو ڪنهن به نه لکيو هوندو.“

پر ايئن نه ٿيو .... ايئن نه ٿي سگهيو........ !
سنڌي ٻوليءَ جو بي تاج بادشاهه، سنڌي ڪهاڻيءَ جو امام نسيم کرل، شهيد ٿي ويو.... مان هنجو قول پارڻ خاطر ’نئون نياپو‘ تان ورتل سندس ئي مضمون جو هڪ ٽڪرو، هن ڪتاب ۾، پيش لفظ طور ڏيئي رهي آهيان.

**ماهتاب محبوب**
حيدرآباد سنڌ
١٤ جولائي ١٩٧٩ع

هر در تي جتي ملي ۽ سندس خيالن جو سلسلو نہ ٽٽي. اهڙي طرح محبوب ڪٽي پارهن دريو نہ پر سڪ ۽ سانت جو آشيانو ٿاهي ڪيس ڏوٽي سانجهہ جي گهٽي جهنجهٽ کان بچائي هن ادبي چنڊ کي گهريلو گرهڻ کان بچايو آهي.

— نسيم ڪرل

"امان لالي، پرايا پنج رپيا ڪايو وينئي آهيان، سي ته ڏيئي اچان. ٻوجهو مٿي تي ٽيو پيو آهي. ڇا به هئي پر هئي ته منائي. ننگ جون پاڙون دوزخ ۾."

"ڪهڙو اچي رئيسياڻيءَ سان ننگ ٽيو اٿئي؟"

"لالي امان هاڻي نهيو، وڃان ٿي. هن ويچاريءَ جو ڪهڙو ڏوهه، اهي نوڪرياڻين جا ڪم آهن. تازي ڪائي ڪٽي پاروتي ڏنائون." بيبي زيبل ٿڌي دل سان ڌيءَ کي سمجهايو.

"چڱو، ڀلي وڃ امان، پر اچجانءِ سگهي. ڪائجانءِ به ڪجهه نه."

"بس امان اجهو ٿي اچان." ايئن چئي بيبيءَ، علوءَ جي ماءُ کي ڳڏجي هلڻ لاءِ چيو، جيڪا چيٽن جو اڌ ٿالهه مٿي تي رکي لاڏليءَ جا چيٽان ٻهارڻ آئي هئي.

علوءَ ماءُ ٻهريان ته ڪجهه نه سمجهڻ جي ٻهاني سان چرڪي جيان وڏو وات ڦاڙيو ۽ پوءِ لاچار هڪڙي ناس هيٺ ۽ هڪڙي مٿي ڪري ڏند کي ڪرڙو ڏيندي پڇيو، "ڪٿي ٿي هلين؟"

"رئيسن وٽ" بيبي زيبل پرس هٿ ۾ ڪڻندي وراڻيو.

"انهن پينگ پين وٽ،" علوءَ ماءُ چيٽن جو ٿالهه پٽ تي رکندي هلڪي ڪاوڙ سان چيو، "جن مون کي زڪات ۾ آنو به رنائڙي ڏنو!؟"

"نهيو رن، ڇڏ پراڻيون ڳالهيون. چڱي زال ٿي ساٿ ڪري هل." بيبيءَ حجت سان چيس.

"امان لالي منهنجي ٿالهه جي پارت اٿئي." علوءَ ماءُ، بيبي زيبل جي پنيان پنيان ڏيڍيءَ طرف وڌندي لاليءَ ڏانهن ايلاز واري انداز ۾ ڏسندي چيو.

"ها، ها ڪو نه ڪڻندءِ اهو ٿالهه ۽ پنهنجي امانت پاڻ اچي ڪڻجانءِ." لالي ڪيس دلجاءِ ڏني.

.... .... ....

”اڻي منهنجي جيجل ڌيءُ!“ بيبي زيبل کي ڏسندي ئي رئيسياڻي خوشيءَ سان ڪيڪر ڪندي ڪٽ تان اٿي.

”ڀلي ڪري آئينءَ.“ ايئن چوندي ايڏو تہ ڀاڪر پاتائينس جو بيبي زيبل جي اکين جا تارا ڦري ويا. بدن ڍرو ٿي ويس. ڀانيائين تہ اهو ڪو وڇڻ جو وقت آهي ۽ اڳيان رئيسياڻي جي روپ ۾ ڪو عزرائيل بيٺو آهي. نيٺ اڌ سئو ڪري رئيسياڻي ڪيس ٻانهن کان وٺي وچي پلنگ تي ويهاريو.

”اڻي ڪنوار، منهنجي جانب ڌيءُ سان تہ اچي ڪيڪر ڪر.“ رئيسياڻي هڪل ڪندي ننهن کي چيو.

”چاچي اچان ٿي،“ ننهڻس ڪونيءَ سان ئي وراڻيو.

”ننڍڙي جا ڪپڙا پئي بدلايان.“

”اڻي منهنجي ڪا جيڏي ٿي اچي تہ پرڪو لڳيو وڃنئي.“ رئيسياڻيءَ چڙ سان بيبيءَ ڏي منهن ڪندي چيو،

”ادي ڏسين ويٺي اڄڪلهہ جي ننهن جا حال، جواب جو سوال پيو پوي. پنهنجيون سرتيون هيڏا متا ڪنيو چڙ سير سير جا ڏوپلا وجهيو اچن، سي وٽن ٽيون باقي تون ۽ آءٌ نٽيون وڻون.“

”ادي واندي ٿي پاڻهي ايندي.“ زيبل سرڪندي چيو.

”پر ڌيءُ اهي وار ڏٺا اٿئي جيڪي ڳوڙهين ڳوڙهين وانگر متي ۾ چڪ هنيو پيا اٿن. آءٌ تہ ڏڪيو وڃان. ڪٺي ڀڇين: ”اڻي ٻيڙيون ڪوهہ ٽيون آهيو. اهو ڇا پاتو اٿو؟“ تہ چون: ”ماسي اِها مگ (وگ) آهي.“ اسان جي بابي ڏاڏي بہ اهي ميگيون ڪون ڏٺيون! منهنجي ننهن کي لڳي مٿيان تہ هاسڪار سندس ساهيڙين جي ٿي بيعزتي ڪريان.“ چيم: ”اسان آءٌ ڪوهہ بيعزتي ڪنديس، منهنجون تہ نياڻيون آهن. اسان تہ اهي شيون نہ ڏٺيون نہ ٻڌيون.“

رئيسياڻي زليخان ڳالهايو پئي تہ ننهڻس بہ ڪڪو هنج ۾ ڪري آئي، ”ماسي، بسم الله ڀلي ڪري آئينءَ.“ زيبل کي ڪيڪاريندي چيائين.

بيهن ئي نہ، اهي سور جدا ڏسڻا پيا. سون سان نسورو ويل
ٿي پيو.“

”بس ماسي: ڏٺي ڪٺي خير ڪيو. آءٌ بہ توهان ڏي
سنبريس پئي. لاليءَ سان تہ هڪ ڀيرو ملاقات ٿي هئم باقي
توهانجي ننهن ڏسڻ جي ڏاڍي سڪ اٿم.“ ڪنوار ڳالهہ بدلائڻ
خاطر چيو.

ايتري ۾ بختاور بوتلون ۽ بسڪيٽ آڻي آچي اڳيان
رکيا. رئيسياڻي زليخان بہ پنيائنس سهڪندي آئي. ”ائي
زيب، خوش تہ ويٺي آهين؟“ ايئن چوندي پلنگ تي ٿي ويٺي،
”آپ ساهي بيهڻ ئي نٿي ڏئينم. نوڪرياڻين سان مٿو پئي
هنيم. مٺيون ڪجهہ سمجهن ئي ڪين ٿيون. جيئن سولودن
تان سوڙي آهيان، تيئن سگهي ڏينهن ڪاٽ پئي سيڪان!“ ايئن
چوندي زليخان ٽراليءَ تي لامارو هنيو. ڪجهہ بسڪٽ وچي
هيٺ گلم تي ڪريا جيڪي علوءَ ماءُ سيڙي ڪٺي ڪوهہ
جهڙي وات ۾ وڌا.

زيبل اڃان هڪ بسڪٽ مس ڪاڏو تہ زليخان ٿي
ڪائي بوتل اوتي بکايل ڊڳيءَ وانگر خوفناڪ اوڳرائي زيبل
جي منهن منجهہ ڏيندي چيو: ”هاء هاء، هيئئون ئي ڏري پيم!“

زيبل جو روح ئي ڦري ويو. ساهہ ڪٺي گهٽيائين ۽
هٿ وارو بچيل بسڪوٽ علوءَ ماءُ جي ترڳيءَ تي رکيائين
جنهن موڙو ڏيئي ڦڪي ڇڏيو.

”ادي زيبل اگاري ٿي پئي اٿم پانيان تہ وچي ڦڪي
ڦڪيان.“ زليخان لاڳيتيون چار پنج ڪنيون اوڳرايون ڏيندي
وري ڪمري ڏانهن ويئي.

”چڱو ڪنوار امان، هاڻي آءٌ بہ هلان ٿي.“ بي بي
زيبل علوءَ ماءُ ڏانهن ڏسندي برقعي ۾ هٿ وڌو. ڪنوار بہ
وجهہ ڏسي ڪاغذ ۾ ويڙهيل رئو ڪٺي زيبل کي ڏيندي چيو:
”ماسي هي رئو آڻو، منهنجي طرفان تحفو.“

جو ڪِرڻ ڏنو هئم. ساڻهن کي تہ نينگر جي توهر جي بہ خبر نہ پئي، اها ڊاڪٽرياڻي اسينا چڱي ملڪالموت ساماڻي آهي جو ڇمڻ سان ئي ٻڪر ٻوسات ۾ معصومڙي جي توهر بہ ڪري ڇڏيائين. اڃان چوڏهن پندرهن جو هجي ها تہ ڳاڙهي گوڏ ٻڌي گهوڙي تي بيٺڻ باجن سان سرڪس ڪري ها تہ لوڪ ۾ بہ واهہ واهہ ٿئي ها. ائي سُئي جهمٽي ڪنوار کي سڏي وٺ."

"چاچي خير؟" ڪنوار اچي ڪائنس پڇيو.

"آئي امان سڙسهين اچي تہ ڇئينس ڪاڳر ٺهراءِ سيني کي سيلاد، عقيقي ۽ نينگر جي توهر جي خوشيءَ جو سڏ گهمرائي."

"پر چاچي پوءِ تہ چار ٻڪر ڪسندا، بہ عقيقي جا، هڪ توهر جو ۽ هڪ سيلاد جو."

"آئي ڇئن کي ڪٽي ڇڏ. ساڻهو اچي ڪلون ڳٽيندا ڇا؟ عقيقي لاءِ هڪ ٻڪر ڪافي آهي. ڪٽو تہ پيو ٿورو ڪليو گوشت بہ گهرائي وٺنداسين."

"چاچي سنت ۾ تہ بہ ٻڪر آهن هڪ ۾ عقيقو ڪيئن ٿيندو؟"

"ساٽي سنت ڪير ٿو ڏسي، اڄ فرض ئي پورا ڪين ٿا ٿين. اٻرو سيرو ٻڪر بہ ڇهين سوين کان گهٽ ڪونهي. هاڻي وڃي تياري ڪر. سڙسيهن اچي تہ انهيءَ سان صلاح ڪر تيسين ويهہ تہ آنهن زالن جي نالن جون لسٽون لکرايانءِ، جن سان ڏيڻ وٺڻ جو رستو آهي."

ڪائي ڪائي ٻه هڪڙي آڻ ڪائيندين، زيبل تون ته ڪونه ڪائين. توکي ته ڪانه وٺي.“

زليخان پيهر خاطري ڪاڻ پڇيو.

”ادي منهنجو رت ئي ولوڙي ڇڏيو اٿئي. ڪٺي سڀ واپس ڪراء، آڻ ڪونه ڪائيندين.“

”آئي اِهو سس مئو وري ڪهڙو آهي جو واپس ڪندو، آئي ڪائي ته ڏس ڏاڍو سٺو اٿئي نرم نرم.“ زليخان چڪ هٽي اڌ بسڪوٽ بچائي زيبل ڏي وڌائيندي چيو.

”ادي بخش ڪر مون کي ڪونه وٺي.“

”آئي پوء هيڏو سارو ڪيئن ڪائيندين!؟ اڇي ٻلا هي ٻانڊي ته پي.“

لاچار زيبل اڌ بوتل پي واپس ڪئي ”ڏڪا ڀريا اٿئون، هيڏي ڪر خيراتي مال ڪونهي. ٻه ڏڪ هيئين ڪان هيٺ لاهي ڇڏيان!“ ايئن چوندي چانهه جي مٿان ٻانڊي پيتائين.

.... .... ....

حويليءَ وٽ لهڻ وقت زيبل ڏڳو پير پيران جهڙي حالت ۾ هئي سا زليخان کي سلام ڪرڻ ته ڇهيو پر پنيان ڏسڻ ۾ ٻڌڻ ڪان سواء ڳوريون ڳوريون وکون کڻندي پنهنجي حويليءَ ۾ گهڙي وئي ۾ نم جي چانو هيٺ رکيل کٽ تي ڦان تي ڪري پئي.

”ڪھڙي دلبر؟“

”ڪالھہ سوناري قادو پائيءَ وٽ وئي ھيس....“ اھو ٻڌي ھن جي گستاخ ھٿ ڪي ڇڻ اوچتو ريل جو بريڪ لڳو.

”پوءِ“ ٻڌل آواز پاتال مان آيريو.

”في الحال ٻن تولن جا جھومڪ ۽ ڏن تولن جو ھار ڇئي آئي آھيان، ايندڙ ھفتي تيار ٿي ملندا.“

”جاني، خبر اٿئي تولو سون جو ڪيتري آھي؟“

”ڪيتري بہ ھجي، نيٺ بہ ڪامورو آھين.“

حالتون ساريون پيون اٿئي، اڳوٽيون ڪمايون ڪٿي آھن. چوڏاري ڦٽڪن جا ڦھڪا پيا پون، ھتن سان مارائيندئہ ڇا؟

”جيڪي الھہ تلھہ ھيئي، سو ڦري ويئي ٻوبي، ھاڻي اھي بھانا نہ ڪندين تہ پيو ڇا.“

”مھينو ڪن ترس، پوءِ جيڪي چوندئين وٺي ڏيندومانءِ.“

ائين چوندي ڇپن تي انجام جي سُھر ھنيائين.

”اھو بہ تنھنجو انجام آمازئيندس. ڏسان تہ ڪيئن ٿو پارين!“

”پياري، جيڪو ڪجھہ ڪريان ٿو، سو سڀ تنھنجي لاءِ ئي تہ ڪريان ٿو، توکان وڌيڪ مينو پلا ڪير اٿم.“

”ٻوٻي بہ نہ؟“

”نہ جاني!“ ھن گھڙيال ڏانھن تڪيندي تڏو ساھہ ڪٽي ورائيو.

”سچ!؟“

”تنھنجي سِر جو سُنھن!“

”پوءِ ٻوٻيءَ سان ڪيئن پيو گذارو ڪرين؟“

”مڙيوئي پيو ليکيو لوڙيان!“

”پلا ھڪ ڳالھہ تہ مڃيندين نہ؟“

”ڇئہ....“ ھڪ وار وري ھُن جون يڪجا ڪيل سموريون طاقتون وسامڻ لڳيون.

نہ ڏيندي هئيمانس.“

اوچتو وڏيري مينهل جي ڪار جو ٻُل ڊاگ اسٽائيل هارن وڳو.

ها.... ئو....ئوئو....آ.

”مئيس، هاڻي ڇا ڪريان!“ مومل ڪي پريشاني وٺي ويئي. اڃا ٽڙ ڦٽڙ ۾ هئي، جو ڏاڪڻ تي وڏي ڪُڙڪيءَ واري بوٽ جي ڌم ڌم پئجي ويئي. ان دم ئي وڏيرو مينهل، هڪ هٿ سان شهپر وٽيندو ۽ ٻئي سان سٿرن ۾ ڪوڏهڙا ڪندو اچي اندر پهتو. جيسين تائين وڏيرو مينهل ڪانس ان بابت پڇي ئي پڇي، تہ هوءَ وڏيءَ حرفت سان شهباز سان جان ڇڏائيندي چيو: ”ادا، هاڻي توکي موڪل، تون ڀلي وڃ ڳوٺ، ادي ايمڻا ڪي بہ سلام ڏجانءِ.“

---

”امي... مان ايتري منحوس ٿي وئي آهيان جو ماڻهو منهنجي پاڇي کان به ٿا ڊڄن! پڻ ۾ شبن وڏا ٿيندا ته ڇا مان پنهنجي پٽن کي موڙ به نه ڀڏي سگهنديس؟“

”شبنم، اهي جاهل ماڻهن جا وهم آهن... تون ته پڙهيل لکيل آهين. توکي اهي ڳالهيون دل ۾ نه ڪرڻ گهرجن.“ ماڻس لڙڪ اگهندي دلداري ڏني هئس. جيتوڻيڪ اندر ئي اندر هوءَ به رت جا لڙڪ لاڙي رهي هئي. لوڪ جي همدردين، نفرتن ۽ اعتراضن هن منجهه ايترو ته احساس ڪمتري پيدا ڪري ڇڏيو هو جو ٻاهر اٿڻ ويهڻ بند ڪري ڇڏيو هئائين. نه هو ڪنهن وٽ ويندي هئي نه ئي ڪير هن وٽ ايندو هو.

شيراز جي اچڻ ڪري گهر ۾ ڄڻ رونق پيدا ٿي پئي هئي. ٻار جيڪي سدائين ماءُ سان چهٽيل هوندا هئا سي به ساڻس گهڻو هري ويا هئا. شيراز کي به سندن انگل آرا ڪندي خوشي ٿيندي هئي. هو جيتوڻيڪ ونءِ روز ايندو هو تہ به شبنم سان ڪاڻ ڳالهائڻ جو موقعو نه پئي مليس، پر تنهن ڏينهن وراڻڊي ۾ سوئٽر ٺاهيندي ڏسي موڙو ريڙهي وٽس اچي ويٺو ۽ تڏو ساهه کڻندي چيائين: ”اسان لاءِ ته ڪو نٿو ٺاهي.“

”پاپي ويلينٽي کي چئو نه.“ هن سندس ڏ ڪندڙ رڳ تي هٿ رکيو، ”پاپي ته پاڻ ڏاڍو سٺو ٺاهيندي هوندي! انگريزياڻي آهي نه....“

شيراز شوخيءَ مان گهري نظر سان نهاريس، ڄڻ چوندو هجيس: ”هڻ ٺوڪون. ڪر ٺٺوليون.... اڏائيم مذاق.“

شبنم جي چهري تي شرير مرڪ پکڙجي وئي.

”مان آنٽي کي چوندس پوءِ ڏس ته ڪيئن نٿي نٽ ڪري ڏيـن....“ هن سندس مـوم بتين جهڙين آ ڱرين ڏانهن نهاريندي چيو، جيڪي تيزي سان نيڊلس هلائي رهيون هيون.

ڪجهه دير ماٺ رهي ڪيس اهي نـازڪ هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلڻ جي شديد خواهش ٿي.

”ايترا ڏينهن اوهان ڪونہ آيا.... ٻـارن ڏاڍو يـاد ٿي ڪيو....“

”ڇڙو ٻارن؟“

”اسي بہ تہ ڏاڍو ياد ٿي ڪيو.“

”بس...، پيو ڪنهن بہ ياد نہ ڪيو؟“ اکين ۾ شرارت نچڻ لڳس.

هوءَ شـرم کان ڳاڙهي ٿي وئي. ڪوبہ جواب نـہ ڏيئي سگهي.

”شبنم“

”جي.“

”صرف جي ڇو؟ جي شيراز ڇو نہ؟“

”رکو نالو ڪيئن وٺان؟“

”مان ڪو ايڏو توکان وڏو، بزرگ يا چاچو تہ ناهيان جو بي ادبي ٿيندي.“

هن کي کل اچي وئي.

”وائي آر يو لافنگ؟“

”نہ کلان؟“

”پلي کل، پر پڌاءِ تنهن ڏينهن منهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ڇو وئي. وي ڏسڻ ڇو هلي وئينءَ؟“

”اهڙي تہ ڪائي ڳالهہ نـہ هئي.“ شبنم چور نظرن سان وراڻيس، ”کي ڪي پروگرام سٺا لڳندا آهن.... توهان کي نہ وڻندا آهن ڇا؟“

”مون کي تون وڻندي آهين.“

هوءَ ويتر شڪي ٿي وئي ۽ قالين تي پير گهمائڻ لڳي.... ائين ڪندي شيراز کي ڏاڍي وڻي. هو يڪ ٽڪ ڏانهنس نهاريندو رهيو.

شبنم هن جي اکين جي تپش برداشت نہ پي ڪري سگهي ۽ ان کان بچڻ لاءِ زوريءَ چيائين: ”امي کي اوهان جو پڌائي اچان.“

ويلينٽي سلي وٺي جنهن جي وجود ۾ توکي ڳولڻ لڳو هئس .... مون کي ساڻس لڳاءُ هو. هو منهنجن پارن جي ماءُ به ته هئي، پر اسان جي وچ ۾ ڪڏهن به ذهني همآهنگي پيدا نه ٿي سگهي هئي، ها.... ان کان سواءِ ٻي ڪا همآهنگي ڪابه حيثيت نٿي رکي.... اهوئي ڪارڻ آهي جو ساڻس سمجهوتو نه ڪري سگهيس ۽ هوءَ مون سان وفا نه ڪري سگهي." نينهن سندا ناسور چڻ اکلي پيا هئس.

هوءَ ڏانهنس ائين نهاري رهي هئي، جيئن ڪو ٻار ٻترين جي آڪاڻي ٻڌي رهيو هجي. ڪي گهڙيون ماٺ رهي شيراز چيو: "مون توکي پهرين ڏينهن ڏسڻ سان چيو هو ته پنهنجو پراڻو رشتو آهي.... مون کي توسان هڪ نئين رشتو منظور هو، اهو هو توتان فدا ٿيڻ جو، سڄو گهورڻ جو.... تنهنجو تن من پنهنجو ڪرڻ جو ۽ پنهنجو تن من، دل جون واڳون تنهنجي هٿ ۾ ڏيڻ جون. ان کان سواءِ ٻيو رشتو نه اڳ مون کي قبول هو نه هن کان پوءِ ٿي ٿيندو، مان توسان شادي ڪندس.... دير از ٽنگ ڏو اسٽاپ آس.... نٽنگ .... تون چنڊ بڻجي منهنجي زندگيءَ ۾ چمڪندينءَ."

"اهو ناممڪن آهي شيراز." هن پهريون ڀيرو سندس نالو ڪنيو.

"وائي، جسٽ ٽيل مي وائي؟"

"انڌيرو منهنجو مقدر آهي.... سان تنهنجي زندگيءَ ۾ ڪابه چانڊاڻ پکيڙي نه سگهنديس."

"منهنجي دل ۾ تنهنجي چاهت جي چانڊاڻ هزارين چنڊ چمڪائي ڇڏيا آهن.... آءِ ول ميڪ يو هيپي، آءِ ول لَو يُو ناؤ اينڊ فار ايور وٿ آل ماءِ هارٽ اينڊ سول."

"اوهان ويلنٽي کي بيوفا چئو ٿا، مون به ته زلفي سان توڙ نڀائڻ جو وعدو ڪيو هو.... محبت ڪئي هئي.... هو ڪٿي دنيا ۾ ناهي.... هن جي ياد ته مون سان آهي. وفا جو

وعدو ڏوڙي، مان به تہ بيوفا ٿينديس!"
"فارگيٽ اِٽ، ليٽ اس اونلي ٿينڪ آف ٽُڊي."
شيراز سگريٽ دکائيندي چيو، "مان پيار ۾ ڪي حساب ليکا نہ ڄاڻان. تون ڪنهن جي بہ پلؤ ۾ ٻڌل هئينءَ . ڪنهن سان بہ وعدا ڪيا هئا. مان اهو وساري ڇڏيندس، پر هاڻي تنهنجو تن من منهنجو هوندو. جيڪي بہ پهر گهڙيون مونسان گهاري سگهندينءَ اهي منهنجا هوندا...."
هوءَ ڳڻتين ۾ پئجي وئي، ڪيس ڪو جواب نہ سجهيو.
"واٽ از ورئينگ يُو؟"
هوءَ وري بہ ماٺ رهي.
"شبنم، مان توکي سچيءَ دل سان پاڻ آڇيان ٿو. جو تون هن ڏوهہ جي، مون وانگر خطاوار ناهين. پر تون تہ ماڪ جيان صاف ۽ شفاف هئين؛ توکي هرويرو مان ڌرتيءَ جي ڌوڙ ميرو ٿو ڪريان.... تنهنجي سڪ وسرڻ جهڙي ناهي، پر مان وعدو ٿو ڪريان پاڻ کي توکان هزارن ڪوهن جي فاصلي تي گهلي وڃڻ لاءِ تيار آهيان، جتي پنهنجي پياري وجود تي منهنجو پاڇو بہ محسوس نہ ڪرين."
شبنم جو منهن ائين ڪومائجي ويو جيئن ڏانگر تي سرهہ جو سايو ڍلبو هجي.
"شبنم، ان راهہ ۾ جڏهن گهڻو پنڌ گڏ هلياسون تہ پوءِ شايد موت کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ جدا نہ ڪري سگهندي.... منهنجون اکيون اهو سور سهي سهي نيٺ بہ ماٺ ڪري وينديون پر جي تون مون کي پاڻ کان پري ڪرڻ لاءِ تيار ناهين تہ پوءِ مان اها ساڳي وات وري ڪڏهن بہ نہ ڏيندس. ۽ توسان شادي ڪري رهندس...."
"ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟"
"ڊيئر از نو هري، ٽيڪ يوئر ٽائيم.... تون پلي آرام سان سوچ."

شيراز سان سچي پيار جو سرٽيفڪيٽ ٿي ڏنس.... هن ڪان سواءِ زندگيءَ جو تصور به نٿي ڪري سگهي.... پٺي ٿي لمحي زلفي هڪ معصوم ۽ پرخلوص فرشتي جو روپ ڌاري سندس سامهون بيهي رهندو هو ۽ هوءَ پاڻ کي دغاباز بيوفا سمجهي هن جي قدمن ۾ جهڪندو محسوس ڪندي هئي.

پوءِ شيراز لاءِ هن جي دل ۾ ايتري محبت ڪٿان آئي.... اها ته هڪ سان ٿي ٿيندي آهي.... اهو سڀ وقتي لڳاءُ آهي پيو ڪجهه به نه.... مان هن سان محبت نٿي ڪريان.... نٿي ڪري سگهان.... ها صرف.... دوستي.... محبت.... محبت!

دل ۽ دماغ جي انهيءَ جنگ هن کي جهڙو ساڻو ڪري ڇڏيو.... هوءَ آهستگيءَ سان ديوان تان اٿي ۽ اسٽيريوڊيڪ آن ڪري قالين تي ٿي ڪشن رکي اونڌي ٿي ليٽي پئي.... هلڪي موسيقي جي سُرن هن جي منجهيل ذهن کي ڄڻ شاور جهڙو سرور ڏنو. در کي اندران لاڪ ڪرڻ جي آواز تي هن پاسو ورائي ڏٺو. شيراز باز وانگر هن ڏانهن وڌيو ۽ کيس ٻاڪر ۾ ڀري بي اختيار پيار ڪرڻ لڳو.

”آءِ لو يو، ماءِ بيوٽيفل انوسينٽ ڊارلنگ.“

”بس ڪر شيراز....“ گرم ٻانهن ۾ موم وانگر وگهرڻ جو ڊپ ٿيس.

”مون کي پورو پيار ڏي شبنم.... مان ائين ٿو محسوس ڪريان ڄڻ تو پنهنجي حسن جي زڪوات، جا صرف چاليهين پتي هوندي آهي، مون کي ڏني آهي.“ شيراز سندس چپن مان امرت ڦڙا اوتڻ کان پوءِ پنهنجا چپ سندس اکين تي رکيا ۽ تر جيان پنهنجي جسم سان چهٽائيندي چيائينس: ”ڊارلنگ، اهي ٿينديون آهن محبتون.... ائين ٿيندا آهن پيار.... ڏس، ڪيئن پيا لڳون.... ڄڻ پورا ٻارهن ٿيا هجن.... پنهي ڪانٽن جو ميلاپ.“

# سوڀي

سوڀيءَ جي مڙس جي بيماري اينگهجي ڇا پئي جڻ گهر ۾ چوويهه ڪلاڪ ميڙو متو پيو هو. انهيءَ ميڙي مچائڻ ۾ سوڀي ۽ سندس ڏيڻ جي فطري خوشمزاجيءَ سان گڏ رلڻي ملڻي سڀاءُ جو پڻ وڏو دخل هو.

پنهنجون پرايون، اوڙي پاڙي جون ٻارين ٻچين سوڌو طبيعت پڇڻ جي بهاني روز بيٺيون هونديون هيس.

پهريائين ته دستور موجب ڏڪنديون ڪنبنديون ڇپا منهن ڪري گهر ۾ گهڙنديون هيون ته متان مڙهو راتو رات آسهيو نه هجي. هنن جو انديشو به پنهنجي جاءِ تي صحيح هو. ڇو ته لڳاتار نازڪ دور مان گذرڻ واري شيءِ ڪي ڪنهن مهل به خطرو ٿي پئي سگهي. پوءِ جيئن گوگڙوءَ تان مٿي لاهبي آهي تيئن بنا ڪنهن دير جي مغز جي ڪيسٽ ۾ ٽيپ ٿيل سوال ڪي ورجائيندي پڇنديون هيون، ”ڪيئن آهي ادو؟“ يا ”ڪيئن آهي چاچو؟“

”ساڳيو ئي حال آهيس!“ سوڀي به بنا ويسارڻ جي ساڳئي جواب ڏيڻ تي هري پئي هئي. رڳو اهو ٻڌڻ جي دير هوندي هئن، پوءِ ته اوڪا ٻوڪا لاهي ڪٽن تي چڙهي ويهنديون هيون ڪچهريون ڪرڻ ۽ ڪلڪا لائڻ. سندن ٻارن جي ٻلٽڻ سٽ پائي ڌم ڌم ڪندي ڪٽڻ تي حملو ڪري ڏيندي هئي.

سوڀيءَ جي مڙس جي ڪوٺيءَ واري ڇت تي سوڀيءَ جي سهري جو ٻراٺو ڪموڻ، وڏي ڏيءَ جو چاليهه سال

ڪي ڪل ڪونهي آهي ڇهنڊڙي هٽانس. انهن ڪندي ڇهنڊڙين سان ماس ئي پٽي ڇڏيائونس.

”ڇڪو پيڻ، هاڻي اسان کي موڪل ڏيو. گهڻئي وينيونسين شمان ڪي به سڏ ڪيو ته وڃون، سچ اچي لٿو آهي.“

”بلقيس اڃان ته سڪ ئي ڪونه لٿي.“ ممتاز چيو.

”اسان او امان، وئين ڪيڏانهن.“ سومل رڙ ڪئي،

”بلقيس هينئر ئي ٿي وڃي.“

”رڙيون ڇو پئي ڪرين.“ دمساز چيس، ”بابو نه جاڳي پوي.“

”ڪون ٿي وڃي، ڪون ٿي وڃي!“ سوپي غسل خاني مان بيڊ پين وارا هٿ ڌوئي ٻاهر نڪرندي چيو، ”بلقيس اسان اڃان ويهه گهڙي ساعت نينگرين کي سڪ ته لاهڻ ڏي، ورهين کان پوءِ ٿي منهن ڏيکارين.... آهي صدقو ٿي وڃئين منهنجي راڻي.... بوا جو چوڻ نه موڙاءِ.“ سوپي بلقيس کي ڪجهه دير ويهڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ شمان ڏانهن ڪوٺيءَ ۾ وئي.

”ائي شمل تون به بلقيس سان گڏ ويندئينءَ هلي!“ ڀر ۾ وهندي چيائينس، ”اڃان ته حال ئي دل جا ڪون ونڊياسين.... سياري جي رات.... سوڙ وجهي ڪوسڙيون ٿي حال ونڊيون ها.... محفلون ڪيون ها.“

”پڻي آهي راتن جو محفلون ڪيان ڪون.“ شمان ڪٽ تي پٽ سان ٽيڪ لڳائيندي چيو.

”ائي اڄ رات ڪٽي ٽڪ، وڏيڪ نٿي ٽڪين ته اها هڪ رات. دستگير جو سنهن اٿئي، ڪٽي رهه.... ڀلا نٿي ٽڪين ته ڏينهن جو ئي ڪڏهن اچ، حال احوال ڪيون....“

”ائي پڻي....“

”ائي ذر ذر پڻي چئي هنيون ڇو پئي ساڙيم، مونکي

”ڀڦي....“ شمان سهڪندي وراڻيو، ”ڀڦي آهي نه بلقيس.... ڀڦيءَ کي الائي ڇا ٿيو.... جو....“

”الائي الا امان کي ڇا ٿيو!“ شمان جي ڳالهه ڪاٽيندي چارئي چڙهيون، زلف بي بي ۽ شاه بي بي سميت ڊوڙ پائي ڪوٺيءَ ڏانهن ويون.... ٻتي ٻاري ڏٺائون ته سوڀي اونڌي منهن کٽ تي ڪريل هئي، سندس وات ايس تي لڳل هو جنهن منجهان رت پئي ويو ۽ ڏند هيٺ کٽ جي ٻائي وٽ ڪريو پيو هئس.

”الائي الا امان جو ڏند!“ ممتاز هانو ڦاڙ دانهن ڪئي. دانهن تي سوڀيءَ ڇنگهندي اکيون کوليون.

”ڪيڏانهن وئي شمل؟ الئي شمل ڪيڏانهن وئي رنون؟“

”الائي امان ڇڏ پچر شمل جي،“ ممتاز چيو، ”هڪڙو ڏند هيٺي سو به ڀڄائي ڇڏيئي، نه مڙيئين.“

”الائي الا امان ڪيئن ڀڳو.“

”الائي صدقي ٿيو شمل جي نالي تان.... ڪيڏانهن وئي شمل؟“

”الائي الا، نانيءَ کي ڪيڏو صدمو آيو هوندو.“ زلف بي بي ۽ شاه بي بي ڳڏجي چيو.

هنن جي 'الائي الا' جي هونگار ٻڌي ٻئي.... بلقيس ۽ شمان نينگريءَ کي ڪامڻيءَ ڪان وٺندي تڪڙيون تڪڙيون ڏاڪڻ کان لهڻ لڳيون.

—

# سيٺ ڏيٿ

ڏاڪ منجهند جو وراندي ۾ پينگهي تي ليٽيل زيبل کي وڃڻي هلائيندي جهونا اچڻ لڳا ۽ آيا ڪيل گوڏا آهستي آهستي هُڪرڻ تي هيس جو در تي متر کي جهڙي ٺڙڪ ٺڙڪ ٻڌي سنڀالي ورتائين.

”الا، الا، ۾ گهڙيون ننڊ ٻه ڪونه ڪرڻ ڏنئون توبهن مائي، ماڻهن کي پنهنجن گهرن ۾ سک ئي نٿو اچي!“ ڀڻڪندي اچان اٿڻ جي ڪيائين ته ڪنگهه جي دوري اچي ورايس.

”اي ابا گلو.... شبو....“ راند ۾ رڌل پوٽن کي سڏڻ لڳي. ”پوڙا ته ڪون ٿيا آهيو، اٿي ڪو در تي ڏسي ته ڪير آهي، مونکان ته اٿيو ئي نٿو ٿئي..“

”ڏاڏي، آءٌ ٿو ڏسان.“ گلوءَ ڦڙتائيءَ مان چيو.

”تون وري ڇو، آءٌ ٿو وڃان.“ شبوءَ ڪاوڙجي چيو.

”آءٌ ويندس پهرين مان ڪڙڪو ٻڌو.“ گلو هشي ڏيندي در ڏانهن ڊوڙ پاتي.

”اونهه .... اونهه .... آ ن ن ن، تون نه وڃ.“ شبو رڙندو پڻيانس لڳو.

”ابا ڦٽجو ڇو ٿا،“ زيبل بيزاريءَ مان ڇينهين، ”هونءَ ته ٻئي ڪنن ۾ ڪپهه وجهو وينا هئا، هاڻي ته اچي لٽ لڳي آهي. ٻلي ٻلي، رب منهنجي جا شان. اها ڇونڪ ڇنڊي ناني هوندو، پيو ڪنهن جو اٺو ڪٿو هوندو جو هيڏيءَ مهل رلي مرندو.“

در جي لڳاتار ڪڙڪي ۽ ٻارن جي رڙين تي زيبل جي

پئسا ڏيئي وٺنداسين."

"اُئي امان ڏاڍي سهڻي T.V اٿئي، گهر ۾ رونق وڌي ويندئي پيو ته 'مسڪيءَ' لاءِ ڪپڙو به ڏسي آئي آهيان." ۽ وڪون اندر ايندي چيائين.

"نه امان بس، مونکي انهن شين جي گهرج ناهي. ۽ تون به .... تون به اجايو روز روز بجڪو ڪٽي بازار نه ويندي ڪر."

"اُئي گهوڙت! منيس، چا پئي چوين؟ هن مسمر توتي کو زبرو تعويذ ڪرايو آهي جو اهڙا ابتا پول پئي ڪيين."
بختاور، حيران پريشان ٿيندي چيو، "آءٌ اڄ ئي تـي وڃان ڏاندار بي بيءَ وٽ .... مٿيءَ تي اهڙو ئي تعويذ ڪرايان جو ياد ڪندي."

"ادي هيڏانهن ته اچ." زيبـل کيس ويندو ڏسي مرڪندي سڏ ڪيو.

"چو؟" پريان ئي پڇيائين.

"اچ ته سهي." چٽ مان چيائينس.

"ها، چئو."

"هي وٽ پنهنجا تعويذ، وڃي ڏاندار بي بيءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌجانس ۽ کيس چئجانءِ ته مان به تو جهڙي پير پوڻي آهيان، اهڙا تعويذ مون تي اثر نه ڪندءِ."

---

# لاڻ

لاڻ جي ٻوڙهي ڏاڏيءَ، جنهن جا مٿيان ڏند ڀڄي پيا هئا، هيٺيان چار ڏند ڪکڻ وانگر ٻاهر نڪري آيا هئس، چپ ٻوڙهي اٺ جيئان لڙڪي پيو هئس، نڪ جي چهنب ڍرڪي اچي چپ سان لڳي هئس تنهن پاڻيءَ مان نڪتل سيسر وانگر وڏو وات ڦاڙي منهن تي پلاند وجهي اوڇنگار ڏني: "لاڻ، تنهنجو ڪلمو به نصيب ڪونه ٿيم ابا سڄي عمر آسرو ڪيم ته ڪلمو ڏينديم پر اڄ ڇڏيو ٿـو وڃيم، پيءُ ٻوڙهي کي رلايو پيو وڃين." لاڻ جي ماءُ سسٽس جي پـر ۾ ويٺي هئي تنهن پڻ وڏي اوڇنگار ڏيندي چيو: "منهنجا ابا، مونکي. تـه وڏي اميد هئي ته توکي موڙ ٻڌنديس، پر تو پيٽن کي ميندي به لائڻ ڪونه ڏني."

"ڇوڪر منهنجي چيلهه ڀڃيو وڃين منهنجي اڇن تي ته رحم ڪرين ها." لاڻ جي چاليهن ورهين جي ڪنواري چاچي عطالو پنهنجي مٿي تي ڌڪ هڻندي چيو. ايتري ۾ ٻاهران هڪل ٿيس: "عطاعلي خان، هيڏي ٻاهر ته اچجان."

"ادا اسانجون چيلهون ڀڄيون پيون آهن، اسانجا ڪهڙا حال هوندا جو ٻاهر اچون. جنهن کي ساوڪ سڄڻ جي مس ڦٽي سو ئي اسانجو نه رهيو."

"ٻيلي هاڻي ڪلمو پڙهيو، سنجها جـو وقت آهي." يارمحمد خان ٻرڙي عرف ياروءَ در تان وراڻيو.

"ادا توهانکي ڪلمن جي لڳي آهي، هتي قلبن جا

حويليءَ تي.

”ائي جيجي زيبل! اي پورل مساءُ، ڪٿي آهين؟ او جيجان ....!“

”ائي ڇاهي، اڃان پئي، ڪهڙو وٺي ڏمچر مچايو اٿئي.“

”ائي ڏمچر تہ هوڏانهن متا پيا آهن!“

”ڪيڏانهن!؟“

”پوٽهين جو خط آيو اٿئي.“

”ڪهڙو پوٽو!؟ هانوءُ ڇو ٿي ڦاڙيم! منهنجو ٽن سالن جو پوٽو ڪيئن خط لکندو!“

”ائي جيجان سمجهہ ڪٿي تہ منهنجو پوٽو سو تنهنجو پـوٽـو ـــ“

”ائي تنهنجو پوٽو سو منهنجو پوٽو ڪيئن ٿيو! آءٌ تنهنجي هٿن جي ٻار؛ هيڏا ڏڳڙا ٿا منهنجا پوٽا ٿين. ڏند پچائي هوش وڃايو اٿئي.“

”ڏند ويم تڏهن بہ طعنو نٿو وڃي.“

”اهو طعنو تہ جيتر جيئري هونديس تيتر ڪونہ ويندئي.“

”ٺهيو، توکي بہ ڏنم....“ هو بنا موڪلائڻ جي رسي اٿي هلي.

* * *

”ائي لاٽ آيو ڙي آيو! جيئيس ڙي جيئيس! منهنجي صبح کان اک پئي ڦڙڪي.“ لاٽ کي ٽانگي تان لهندو ڏسي ڏاڏيس چيو.

”ائي منهنجو صبح سان، ڪلهو پئي ٽپڪيو ڪانگ لنوڻ وينو؛ چيومانس لنو ڪانگ مٺي ٽڪي ڏيانءِ، منهنجو لاٽ اچي پيو اهو بـڌي ڪانگ اڏامي ويو.“ لاٽ ماءَ ڙڙندي چيو.

”آءٌ پاڻ پتنگ فقير ڏانهن ڳيٺي ڳار شربت پيئڻ پئي

پنهي پينرن ۾ زال سوڊو ڪاريڊور کان نڪري ڪار تائين آيو.

”ت.... ت.... توهان!!“ ڪار جو در کولي لالڻ حيرانيءَ مان چيو. ”اي ها ابا اسين، سکهو ٽي موٽر ڪاهه!“

”ڇا ٿيو خير ته آهي ڏاڍي؟“

”اي سڀ خير آهي“ لالڻ ماءُ ورائيو ”جلدي ڪري موٽر کي هڪاينس ڦلم جو ٽيم نه ٽري وڃي!“

”توهين به.... !“

اي هائو.... و.... و! اسين به جيٺرو ساهه آهيون ’شلبم‘ جي ڦلم ڏسي هلي روح وندرائي اچون....“ ڏاڏيءَ چيو.

۽ پوءِ لالڻ مرڪندي گاڏي اسٽارٽ ڪئي.

——

# جادو

"بي بي سائڻ، مان ڪٿي سمهان؟"

"هوڏانهن وراندي ۾، پٽ تي."

ڪتو ٻه تيل لڳل ڀرائيون ۽ ميريون رليون ڪٺي هيٺ وڇائي سمهي رهي ۽ سمهڻ سان ننڊ ڪٺي ويس.

"هيءَ ٻه ته ڪنهن جي جائي آهي! ڪيڏي نه ڏکي ستي پيئي آهي!" دل ۾ قياس جي جذبي ڪَر ڪنيس. پنهنجي ڌيءَ ڏانهن نظر وڌائين ته هوءَ نرم بستري واري پلنگ تي سک ۽ سانت سان ستي پئي هئي.

جڏهن هوءَ پنهنجي وڏي وڳر ۽ ويڙهي سان ڳوٺ واري حويليءَ ۾ رهندي هئي، ته ڍير ساريون دايون، گولهون پٽ تي ستل ڏسي ڪڏهن به ڪيس اهڙي سوچ نه ٿي هئي. پر هينئر نئين شهر ۾ سانگيئڙن ۽ جهانگيئڙن کان دور هڪ نئين جذبي هڪ نئين سوچ هن منجهه ڪيئن پيدا ٿي؛ هو پاڻ حيران هئي.

سيد پيا سڏجن .... پر .... پر .... اسان .... اسانجي ته خير ڳي ڳالهه آهي .... اسين تہ آهيون ئي برتر .... اسان کي پيڙهن کان برتري جو احساس ڏياريو ويو آهي .... جيڪو مان ۽ مرتبو رب اسانکي ڏياريو آهي، سو شال دائم ۽ قائم هجي.
ڪير سڙي ته پيو سڙي .... پيو ٻري .... ٻل پيا ٻيرين پون.... ٻل ته پيا ڪنڌ نوائين .... سيد جو سڱ نہ مليو ته حق بخشائي ڇڏيندي مانس. ست پيڙهيون آڪاڏي ڏيڻ ڪاڻ نہ لڄائيندس."

چاري لڳل دونهانئيل ذهن سان آخري فيصلو ڪري هوءَ کهري ننڊ سمهي رهي.

---

